SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1990

# SINDH ORDINANCE NO. II OF 1990

# سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1990

# THE SINDH BUILDINGS CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1990

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1979جي سنڌ آرڊيننس نمبر Vجي دفعہ 6 جي ترميم.
Amendment of section 6 of Sindh Ordinance V of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1990
# SINDH ORDINANCE NO. II OF 1990
# سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 1990
# THE SINDH BUILDINGS CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 1990

[29 مئي 1990]

آرڊيننس، جنهن جي ذريعي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس 1979 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

جنهن کي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو.

تمهيد (Preamble)

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي، هن ڪري اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) جي تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس 1990 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور تي نافذ ٿيندو.

1979جي سنڌ آرڊيننس نمبر Vجي دفعہ 6 جي ترميم.
Amendment of section 6 of Sindh Ordinance V of 1979

2.سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 جي دفعہ 6 ۾ ، ذيلي دفعہ (4) ڪانپوءِ هيٺيون نئي دفعات ۽ وضاحت شامل ڪئي ويندي.
”(5) ڪنهن بہ وقت ذيلي دفعہ (1) جي تحت ڪو اعتراض نہ هئڻ وارو سرٽيفڪيٽ حاصل ٿيڻ جي ڪانپوءِ بلڊنگ جي مڪمل ٿيڻ کان پهريان جيڪڏهن حڪومت مطمئن آهي تہ يا ڪنهن بہ علائقي ۾ عمارتن جي تقسيم عوامي مفاد ۾ ناهي يا ٻي صورت ۾ ضروري طور تي هن آرڊيننس، جي قاعدن يا هن سلسلي ۾ جوڙيل ضابطن جي برعڪس آهي تہ بنا نوٽس جي سرٽيفڪيٽ ڪي معطل يا ردڪري سگهي ٿي.“

وضاحت :

هن ذيلي دفعہ ۾ استعمال ڪيا ويا اظهار”عمارت جي تڪميل“ سان مراد عمارت جي تڪميل جي صورت ۾ منظور ٿيل منصوبي جي مطابق آهي ۽ هن سلسلي ۾ سرٽيفڪيٽ جاري ٿي چڪو آهي.
(6) جتي ذيل دفعہ (5) جي ڪو حڪم جاري ڪيو ويو آهي تہ اٿارٽي جي طرفان معاملو حڪومت جي طرفان ڏنل هدايت جي مطابق حل ڪيو ويندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**